# معاشري جون غلط
# رسمون ۽ اجايا ڏهاڙا

25-October-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گھٽ ۾ گھٽ تي پيرا پڙھي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# معاشري جون غلط رسمون ۽ اجايا ڏھاڙا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عاليشان آهي: منهنجو جيڪو اُمّتي اِخلاَص سان مون تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهندو الله پاڪ ان تي ڏھ (10) رَحمتون نازِل فرمائيندو، ان جا ڏھ (10) دَرَجا بلند فرمائيندو، ان جي لاءِ ڏھ (10) نيڪيون لکندو ۽ ان جا ڏھ (10) گناھ مٽائيندو- (سنن ڪبريٰ، ڪتاب عمل اليوم ...الخ، باب ثواب الصلاة...الخ،٦/٢١،حديث:٩٨٩٢)

میری زباں تَر رہے ذِکر و دُرود سے بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندَس

۞ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ۞

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجھ ٻُڌندَس،ان کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ! اڄ جي بيان ۾ اسان ”معاشري جي رسمن“ مان ڪجھ بُرين رسمن جي باري۾ٻڌنديون سين- مصر ۾هڪ غير اسلامي ۽ انسانيت کي تڪليف ڏيندڙ رسم وڏي عرصي کان جاري هئي، اها رسم ڪهڙي هئي ۽ ان جو خاتمو ڪيئن ٿيو؟ صفر جي مهيني بابت بہ ڪوڙ غلط ڳالهيون ۽ رسمون ماڻهن ۾ عام آهن، انهن جي باري ۾ علماءِ دِين جا ارشاد بہ ٻڌنديون سين، شادي وهانءُ جي موقعي تي غير شرعي رسمن جي نشاندهي ڪئي ويندي، حضور داتا گنج بخش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ اُمِّ عطار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جو مختصر تعارف بہ پيش ڪيو ويندو- الله ڪري تہ اسان سِڄو بيان ڌيان سان ٻڌڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون-

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فاروقِ اعظم ٻيڙل پاڻي کي جاري ڪري ڇڏيو

اَمِيرِاهلسنت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادِري رضويدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي رسالي ”ڪراماتِ فاروقِ اعظم“ ۾ هڪ حڪايت نقل فرمائن ٿا: جڏهن مِصر فتح ٿيو تہ هڪ ڏينهن مِصر وارن حضرت

سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي عرض ڪيو: اي امير! اسان جي درياءِ نيل جي هڪ رسم آهي جيستائين ان رسم کي ادا نہ ڪيو وڃي درياء ناهي وهندو- حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پڇا ڪيائين: ڪهڙي رسم؟ چيائون: اسان هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ کي ان جي والدين کان وٺي سهڻي لباس ۽ قيمتي زيورن سان سينگاري درياءِ نيل ۾ وجهدا آهيون- حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو: اسلام ۾ هرگز ائين نٿو ٿي سگهي ۽ اسلام پراڻي بيهودا رسمن کي ختم ڪندو آهي- پوءِ جڏهن اها رسم روڪي وئي تہ درياء جي وهڪري ۾ گهٽتائي ٿيندي وئي، ايستائين جو ماڻهن اتان وڃڻ جو ارادو ڪيو- اهو ڏسي حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ اَميرُالمُؤمِنِين، خليفهءِ ثاني، حضرت سيِّدُنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي خدمت ۾ سڄو احوال لکي موڪليو، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جواب ۾ لکيو: توهان نيڪ ڪيو، بيشڪ اسلام اهڙين رسمن کي ختم ڪندو آهي- منهنجي هن خط ۾ هڪ چٺي آهي، ان کي درياءِ نيل ۾ وجهي ڇڏجو- حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ وٽ جڏهن اَميرُالمُؤمِنِين جو خط پهتو تہ انهن اها چٺي انهيءَ خط مان ڪڍي تہ ان ۾ لکيل هو: ”(اي درياءِ نيل!) جيڪڏهن تون پاڻ وهندو آهين تہ نہ وَهُہ ۽ جيڪڏهن توکي الله تعاليٰ جاري فرمائيندو آهي تہ مان الله پاڪ کي عرض ڪيان ٿو تہ تو کي جاري فرمائي-“ حضرت سيِّدُنا عَمرو بن عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ اها چٺي درياءِ نيل ۾ وڌي تہ هڪ رات ۾ سورهن(16) گز پاڻي وڌي ويو ۽ اها رسم مصر مان بالڪل ختم ٿي وئي-

(ڪراماتِ فاروقِ اعظم،ص۱۵،ص۱۰،العظمه لامام اصبهاني، ص۳۱۸ ،رقم: ۹۴۰، ملخصاً)

چاہیں تو اشاروں سے اپنے، کایا ہی پلٹ دیں دُنیا کی
یہ شان ہے خدمت گاروں کی، سردار کا عالم کیا ہوگا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان! ڪائنات جي وجود ۾ اسلامي تعليمات جو نور پکيڙجڻ کان اڳ ۾ ڪهڙين عجيب ۽ غريب، دردناڪ ۽

غير شرعي رسمن ۽ خرابين مُعاشري کي پنهنجي وڪڙ ۾ ورتو هو، مثال طور جڏهن درياءِ نيل سڪڻ لڳندو هو تہ مصر جا ماڻهو هر سال هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي زيورات سان سينگاري ان کي دريا جي نالي قربان ڪندا هئا يعني دريا ۾ لوڙهيندا هئا ۽ اهو باطل نظريو قائم ڪري ورتو هو جو جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ درياءِ نيل سڪي (Dry) ويندو، پر قربان ٿجي! نگاهہ نُبُوّت سان فيض ماڻيندڙ، بارگاهہ رِسالت مان تعليم ۽ تربِيت حاصل ڪندڙ اَميرُالمُومنين حضرت سيدُنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ تي! جن جي ڪري سالن کان جاري ان جاهليت ڀري ۽ شرمناڪ رَسم جو هميشہ جي لاءِ خاتمو ٿي ويو-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جهڙي طرح مصر وارن ۾ درياءِ نيل کي جاري رکڻ جي لاءِ بُري غير شرعي رسم جاري هئي، اهڙي طرح هن دؤر ۾ بہ ڪوڙ غَلَط قسم جا اِعتقادات (عقيدا)، تَوَهُّمات (وهم)، ناجائز رسمن ۽ غير شرعي تهوارن (Non Sharee Festivals) جي تباهہ ڪارين معاشري کي شريعت ۽ سُنّت کان پري ڪري تباهي جي ويجهو بيهاري ڇڏيو آهي-

اچو! ڪجھ ناجائز رسمن ۽ تهوارن جي باري ۾ ٻڌون ٿيون، جيئن

## صفر المظفر جي مهيني جي بابت پکڙيل بي بنياد خيال

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب"بدشگوني" ۾ آهي تہ نحوست جي وهمي تصوّرن ۾ مبتلا ماڻهو صفر واري مهيني کي مصيبتن ۽ آفتن جي نازل ٿيڻ جو مهينو سمجهندا آهن خاص ڪري ان جون ابتدائي تيرهن (13) تاريخون، جنهن کي "تيره تيزی" چيو ويندو آهي، تمام گهٽيون منحوس سمجهيون وينديون آهن- وهمي ماڻهن جو اهو خيال هوندو آهي تہ صفر جي مهيني ۾ نئون ڪاروبار شروع نہ ڪرڻ گهرجي، نقصان جو خطرو آهي، سفر ڪرڻ کان بچڻ گهرجي ايڪسيڊنٽ جو انديشو آهي، شاديون نہ ڪريو، ڌيئرون نہ اتاريو، گهر برباد ٿيڻ جو امڪان آهي- اهڙا ماڻهو وڏو ڪاروباري لين دين (ڏيڻ وٺڻ) ناهن ڪندا، گهر کان ٻاهر اچ وڃ ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏيندا آهن، ان گمان مطابق تہ آفتون نازل ٿينديون آهن، پنهنجي گهر ۾ هڪ هڪ ٽانوَ ۽ سامان کي خوب ڇنڊيندا آهن، اهڙي طرح جيڪڏهن ان مهيني ۾ ڪنهن گهر جو

کو ياتي مري وڃي ته ان کي منحوس سمجهندا آهن ۽ جيڪڏهن ان گهراڻي ۾ پنهنجي ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي شادي جي تاريخ طئي ٿي ته ان کي ٽوڙي ڇڏيندا آهن- تيره تيزي نالي سان اچن ڇٽن (ڪابلي ڇٽن) جو لنگر به ڪيو ويندو آهي- نياز فاتحه ڪرڻ مستحب ۽ ثواب جو ڪم آهي ۽ هر قسم جي حلال ڪاڌي تي هر مهيني جي هر تاريخ تي ڏياري سگهجي ٿو پر هي سمجهڻ ته جيڪڏهن تيره تيزي تي فاتحه نه ڏني ۽ اچا ڇٽا پچائي نه ورهايا ته گهر جي ڪمائڻ وارن ماڻهن جو روزگار متاثر ٿيندو، اهي اجايا خيال آهن-

## عربن ۾ صفر جي مهيني کي منحوس سمجهيو ويندو هو

جاهليّت واري دؤر (يعني اسلام کان پهريان) به صفر المظفر جي باري ۾ ماڻهو اهڙي قسم جا وهمي خيال رکندا هئا ته هن مهيني ۾ مصيبتون ۽ آفتون گهڻيون ٿيندون آهن، اهڙي طرح اهي ماڻهو صفر جي مهيني اچڻ کي منحوس سمجهندا هئا- (عمدة القاري،۷/۱۱۰مفهوماً)

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت مولانا شاه امام احمد رضاخان رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه کان سوال ٿيو: ڇا مُحرم ۽ صفر ۾ نڪاح ڪرڻ منع آهي؟ ارشاد فرمايائون: نڪاح ڪنهن مهيني ۾ منع ناهي، اهو غلط مشهور آهي- (ملفوظات اعليٰ حضرت،ص۹۵)

حضرت علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: صفر جي مهيني کي ماڻهو منحوس سمجهندا آهن ان ۾ شادي وهانءُ ناهن ڪندا، ڇوڪرين کي ناهن اٿاريندا، اهڙن قسمن جي ٻين ڪمن کان به پرهيز ڪندا آهن ۽ سفر ڪرڻ کان پاسو ڪندا آهن، خاص ڪري صفر جون ابتدائي تيرهن تاريخون تمام گهڻيون منحوس سمجهيون وينديون آهن ۽ انهن کي تيره تيزي چوندا آهن، اهي سڀ جهالت جون ڳالهيون آهن- حديث ۾ ارشاد ٿيو ته: ”صفر ڪا شيءِ ناهي“ (بخاري،ڪتاب الطب،باب لاهامة، حديث: ۵۷۵۷، ۴/ ۳۶) يعني ماڻهن جو ان کي منحوس سمجهڻ غلط آهي- اهڙي طرح ذيقعده جي مهيني کي به ڪجهه ماڻهو برو سمجهندا آهن ۽ ان کي خالي مهينو چوندا آهن اهو به غلط آهي ۽ هر مهيني ۾ 3، 13، 23، 8، 18، 28 (تاريخن) کي منحوس سمجهندا آهن، اها به لَغو (يعني بيڪار) ڳالهه آهي- (بهارِ شريعت ،۳/۶۵۹)

## اصل نحوست ته گناهن ۾ آهي

حڪيمُ الامّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسلام ۾ ڪو ڏينهن يا ڪا گھڙي منحوس ناهي، ها ڪجھ ڏينهن برڪت وارا آهن- (مرأة المناجيح 484/5) تفسير رُوح البيان ۾ آهي: صفر وغيره ڪنهن مهيني يا مخصوص وقت کي منحوس سمجھڻ دُرست ناهي- سيئي وقت الله پاڪ جا ناهيل آهن ۽ انهن ۾ انسانن جا عمل واقع ٿيندا آهن- جنهن وقت ۾ مؤمن ٻانهو الله پاڪ جي اطاعت ۽ بندگي ۾ مشغول هجي اهو وقت مبارڪ آهي ۽ جنهن وقت ۾ الله پاڪ جي نافرماني ڪري، اهو وقت ان لاءِ منحوس آهي، حقيقت ۾ اصل نحوست تہ گناهن ۾ آهي- (تفسير روح البيان،٣/ ٤٢٨)

دن رات مسلسل ہے گناہوں کا تسلسل کچھ تم ہی کرو نا یہ نحوست نہیں جاتی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معاشري جي ناجائز رسمن ۽ ڏھاڙن مان هڪ ”بَسَنت ميلو“ بہ آهي- اهو ڏھاڙو توڙي جو غير مسلمن جو ايجاد ڪيل آهي پر ديني عِلم کان دوري جي سبب مسلمانن ۾ بہ هاڻي هن ڏهاڙي کي ملهائڻ جو رواج زور پڪڙيندو پيو وڃي- ياد رکو! بَسَنت ميلو ڪوڙ بُرائين ۽ بي حيائي جو مجموعو، وقت جو ضياع، پيسو برباد ڪرڻ جو ذريعو ۽ قيمتي جانن جي ضائع ٿيڻ، ڪيترن مسلمانن کي تڪليف ۾ وجھڻ جو سبب آهي- جيئن تہ

## بَسَنت ميلو ۽ پتنگ بازي جون آفتون

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن ٿا جنهن جو خلاصو آهي تہ: ❖ بَسَنت ميلو هڪ گستاخ رسول جي يادگار آهي، ❖ بَسَنت ميلي ۾ پتنگ بازي جا مقابلا ٿيندا ۽ فحش ڪلام هلايا ويندا آهن ❖ بَسَنت ميلو بي حيائي جو مجموعو آهي، ❖ بَسَنت ميلي ۾ هر سال بيشمار ماڻهو ۽ ٻار ڇتن تان ڪرڻ، پتنگ جي ڏور ڦاسڻ، بجلي جي تارن جي ڪرڻ يا مقابلي بازي دوران پاڻ ۾ جهيڙي جهڳڙي ۾ موت جي وادي ۾ هليا ويندا آهن ❖ بَسَنت ميلي جي سبب هر سال ڪيئي ماڻهو سڄي زندگي جي لاءِ معذور ٿي ويندا آهن، ❖ بَسَنت ميلي ۾ هر سال ڪروڙين روپيا برباد ڪيا ويندا آهن، ❖ بَسَنت ميلي ۾

هرسال ڪيئي ماڻهو پنهنجي جانين کان هليا ويندا آهن، الغرض بَسَنت ميلو بي شمار خرابين جو مجموعو آهي- الله ڪريم تمام مسلمانن کي بَسَنت ميلي جهڙي فضول ۽ بيهوده ڏهاڙن کان پري رهڻ ۽ ٻين کي به ان کان بچائڻ جي توفيق عطا فرمائي- (مدني مذاڪره قسط٩:يقينِ ڪامل کي برڪتين،ص ٢٦-٢٥ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!اسان جي معاشري ۾ مڱڻي ۽ شادي جي موقعي تي مختلف رسمون ادا ڪرڻ جو تمام گهڻو رواج آهي، ۽ وري هر علائقي، هر قوم ۽ هر خاندان جون پنهنجون پنهنجون خاص رسمون هونديون آهن- جيئن ته اهي رسمون فقط عُرف جي بنياد تي ادا ڪيون وينديون آهن ۽ ڪوبه ان کي فرض ۽ واجب تصوّر ناهي ڪندو ان ڪري جيستائين ڪنهن به رسم ۾ ڪابه شرعي قباحت نه هجي تيستائين ان کي حرام ۽ ناجائز نه ٿو چئي سگهجي- جيئن ته صدرُ الشَّريعه، بدرُ الطَّريقه حضرت علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن جو خلاصو هي آهي: ❖ اهي رسمون جن جي ادائيگي جي سبب شريعت جي خلاف ورزي نه ڪرڻي پوي ته اهڙين رسمن جي پابندي ڪرڻ ۾ شرعاً ڪو حرج ناهي، ❖ ڇوڪريءَ جوان ٿي وڃي ته ان جي جلد کان جلد شادي ڪرڻ ضروري آهي آهي ته جيئن فتني جو دروازو بند ٿي سگهي ❖ افسوس! معاشري کي رسمن ۽ رواج ايتري قدر قابو ۾ ورتو آهي جو بعض خاندانن ۾ شادي وهانءُ جي موقعن تي ناجائز رسمون ادا ڪرڻ نهايت ضروري سمجهيو ويندو آهي، پر انهن رسمن جي ادائيگي جي لاءِ انهن وٽ پيسو ناهي هوندو، تنهنڪري انهيء سبب کان اولاد جي شادين ۾ تمام گهڻي دير ڪندا آهن، ❖ ڪجهه ماڻهن کي شادي جي رسمن کي ادا ڪرڻ جو جنون ايتري قدر سوار هوندو آهي جو انهن رسمن جي ادائيگي جي لاءِ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ وياج جي لعنت کي ڳلي لڳائيندا آهن- (بهار شريعت، ٣/ ١٠٢ملخّصاً)

## اها شادي ٿي يا اعلانِ جنگ؟

ڪي ماڻهو شادي وهانء جي ناجائز رسمن کي پورو ڪرڻ ۽ ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ وياج تي قرض کڻندا آهن، ❖ جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته زال مڙس ۾ لڙائي جهيڙو روز جو معمول بڻجي ويندو آهي، ❖ گهر هئو ته اهو گهٽ پيسن ۾ وڪڻڻو پئجي ويندو آهي، ❖ ٻن خاندانن جي وچ ۾

نفرتن جي ديوار بيهي رهندي آهي ۽ ڏسندي ڏسندي خاندان جا خاندان اُجڙي ويندا آهن، ❖ هن ۾ هرگز ڪو شڪ ناهي ته شادي وهانءُ هڪ خوشي جو موقعو هوندو آهي، ❖ پر ڪي ماڻهو خوشي ڪي آڙ ناهي شادي وهانءُ ۾ مَعَاذَ الله ڪيئي ناجائز ۽ حرام ڪم ڪندا ۽ غير شرعي رسمون ڪري الله پاڪ جي غضب ڪي اُڀارڻ وارا ڪم ڪندا آهن ، ❖ ياد رکو! خوشي جي موقعي تي الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ هرگز عقلمندن جو طريقو ناهي- (بهارِ شريعت ،۲/۱۰۶ملخصاً)

## ڳائڻ وڄائڻ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!عام طور ڪيئي گهرن ۾ هي رواج هوندو آهي ته شاديءَ جي ڏينهن ۾ مٺ مائٺ ۽ پاڙي جون عورتون گڏ ٿي ڪري ڍُول وڄائينديون آهن ۽ گيت ڳائينديون آهن، اهو حرام آهي جو پهريان ته ڍهل وڄائڻ ئي حرام، وري عورتن جو ڳائڻ، وڌيڪ اهو ته ان ۾ عورت جو آواز نامحرمن تائين پهچڻ ۽ اهو به ڳائڻ جو، جيڪي عورتون پنهجي گهرن ۾ ڳالهائيندي وقت گهرن کان ٻاهر آواز وڃڻ کي برو سمجهنديون آهن، اهڙن موقعن تي اهي به شريڪ ٿي وينديون آهن، ڄڻ انهن وٽ ڳائڻ ڪو عيب ئي ناهي- ڪيترو به پري تائين آواز وڃي ڪوبه حرج ناهي ۽ پڻ اهڙن گانن ۾ جوان ڪنواريون ڇوڪريون به شريڪ ٿينديون آهن- اهڙا شعر پڙهڻ ۽ ٻُڌڻ ڪيتريقدر انهن جي دبيل جوش کي اڀاريندا هوندا ۽ اخلاق ۽ عادتن تي ان جو ڪيترو اثر پوندو هوندو؟ اهي ڳالهيون اهڙيون ناهن جن جي سمجهائڻ جي ضرورت هجي يا ثبوت پيش ڪرڻ جي حاجت هجي. (ماخوذ از بهار شريعت، ۳/ ۱۰۵ملخّصاً)

## مينديءَ جي رسم

مينديءَ جي رسم جيڪڏهن هن ڳالھ جو نالو آهي ته ڪنوار کي خاندان جون عورتون گڏجي لڳائن ته اهو جائز آهي- شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري جيڪڏهن اها رسم ادا ڪئي وڃي ۽ ان جي علاوه به ڪا خرابي نه هجي ته ڪو حرج ناهي بلڪ نيڪ نيت سان هجي ته ثواب جو ڪم آهي- پر اسان وٽ عام طور تي جائز مينديءَ جي رسم جي صورت گهٽ ئي ٿيندي آهي- اسان وٽ جنهن کي مينديءَ چوندا آهن، اها ان رسم جو نالو آهي جو جنهن ۾ نوجوان ڇوڪريون سهڻا لباس پائي، هار سينگار ڪري، بي پرده ٿي بازارن ۽ گهٽين

مان ميندي جا ٿالهه کڻي گذرنديون آهن، پوءِ گهوٽ يا ڪنوار جي گهر وڃي نچڻ ڳائڻ جي "پرائيويٽ" محفل سجائينديون آهن ۽ قِسم قِسم جي فتنن جو ذريعو بڻجنديون آهن- (تربيتِ اولاد، ص٣٦،٣٧)

## ميوزيڪل فنڪشن

انهيءَ تي بس ناهي بلڪ هاڻي تہ باقاعده ميوزيڪل فنڪشن جو بندوبست ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ آلات موسيقي سان گڏ ڳائڻ ۽ ڳائڻين کان اسپيڪر تي گانا ٻڌا ويندا آهن ۽ ناچو عورتن جو ناچ ڏنو ويندو آهي ۽ تاڙيون وڄائي، انهن کي داد بہ ڏنو ويندو آهي- اهڙي قسم جي محفلن ۾ جن بي حيائين، بدڪارين ۽ اخلاق کان ڪِريل ڳالهين جو مظاهرو ٿيندو آهي، انهن کي بيان ڪرڻ جي ضرورت ناهي- مَعَاذَاللہ عَزَّوَجَلَّ! والدين، ڌيءُ پٽ، پيڻ ڀاءُ گڏجي اهڙين خوشين ۾ مست هوندا آهن ۽ "حياءُ" پري بيٺو شرم کان پاڻي پاڻي ٿي رهيو آهي- اهڙين ئي محفلن جي ڪري ڪيترائي نوجوان ڀٽڪجي ويندا آهن ۽ پنهنجو ڌن دولت برباد ڪري ويهندا آهن- (تربيت اولاد، ص٣٧)

## مڱڻيءَ جي رسم

مڱڻي شادي جي واعدي جو نالو آهي، پر ان موقعي تي بہ بيهوده رسمون ادا ڪرڻ تمام ضروري سمجهيو ويندو آهي جن مان هڪ اها بہ آهي تہ ڇوڪرو پاڻ پنهنجي هٿن سان پنهنجي مڱينديءَ جي هٿ ۾ منڊي پارائيندو آهي- (تربيت اولاد،ص٣٧) مرد کي مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جي وارن کان سواءِ ميندي لڳائڻ ناجائز آهي، پر ڪافي گهوٽ پنهنجن هٿن کان علاوه پيرن تي بہ ميندي هڻندا آهن- (تربيت اولاد،ص٣٧) بينڊ باجي وارا گهرايا ويندا آهن، جيڪي ڄڃ جي اچڻ وقت پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن ۽ ساز و آلات وڄائڻ جو گناهہ ڪَٺڻ سان گڏوگڏ ستل مسلمانن ۽ مريضن کي تڪليف پهچائيندا آهن- (تربيت اولاد،ص38)

جيڪڏهن اهو هجي تہ خاندان وارا پاڻ ۾ ملن، پردي جي رعايت هجي ۽ ڪا خلافِ شرع ڳالهہ نہ ٿئي تہ مڱڻيءَ ۾ حرج ناهي-

## کير پيئارڻ جي رسم

**ڪڏهن وري رخصتي جي وقت کير پيئارڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ گهوٽ کي نامحرم عورتن جي جهرمٽ ۾ گهرايو ويندو آهي- ان جا دوست ان کي اهڙي موقعي تي اڪيلو ناهن ڇڏيندا ۽ ان سان گڏ هليا ايندا آهن پوءِ ڪا نامحرم نوجوان ڇوڪريءَ پنهنجي سهيلين جي جُهرمٽ ۾ گهوٽ کي کير جو گلاس پيش ڪندي آهي ۽ پوءِ شور شرابو ڪندا آهن ۽ گهوٽ جا دوست نامحرم عورتن سان مذاق مسخري ڪندا آهن ۽ پوءِ آخر ۾ گهوٽ کان کير پيئارڻ جي معاوضي جو مطالبو ڪيو ويندو آهي، جيڪو عام طور تي ان جي حيثيت کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ هوندو آهي، اهڙي موقعي تي بي پردگي کان سواءِ به ڪافي ڏڪوئيندڙ منظر ڏسڻ ۾ ايندا آهن-** (تربيتِ اولاد، ص۳۸)

## شادين ۾ آتش بازي

نچڻ باجا وڄائڻ آتش بازي حرام آهي، ڪير انهن جي حرام هئڻ کان واقف ناهي پر ڪيترائي ماڻهو انهن ڪمن جو ايترو ته اهتمام ڪندا آهن جو اهي ڪم نه هجن ته ڄڻ شادي ئي نه ٿي بلڪ ڪي ته ايترا بي باڪ هوندا آهن جو جيڪڏهن اهي حرام ڪم نه ٿين ته ان کي غمي ۽ جنازي سان تشبيهه ڏيندا آهن- اهو خيال ناهن ڪندا ته هڪ ته اهو گناهه ۽ شريعت جي مخالفت آهي ٻيو مال ضايع ڪرڻ ۽ ٽيون سڀ تماشائين جي گناهه جو اهو ئي سبب آهي ۽ سڀني ميڙ جيترو ان تي گناهه جو بار- آتش بازي ۾ ڪڏهن ڪپڙا سڙي ويندا آهن ڪڏهن ڪنهن جي گهر ۾ باهه لڪي ويندي آهي ڪو سڙي ويندو آهي- مسلمان هئڻ جي حيثيت سان اسان تي لازم آهي ته پنهنجي هر ڪم کي شريعت جي مطابق ڪريون- **الله** پاڪ ۽ رسول **الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي مخالفت کان بچون،** انهيءَ ۾ ئي دين ۽ دنيا جي ڀلائي آهي- (بهارِ شريعت،۱۰۶/۲ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 8 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ''گهر دَرس''

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!**شادي وهانءَ ۽ ٻين خوشي غمي جي تقريبات جي موقعن تي شريعت جي پيروي جو ذهن ماڻڻ ۽ دين ۽ دنيا جي ڪاميابي ۽ ڀلائي جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان

وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن ۾ حصّو وٺي پنهنجي علائقي ۾ سنتن جون ڌومون مچايو- ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم گهر درس بہ آهي توهان سيني اسلامي ڀينرن کي گزارش آهي تہ گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جي لاءِ روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو فيضان سنت جو درس ڏيڻ يا ٻڌڻ جي ترڪيب ضرور بڻايو (جنهن ۾ نا محرم نہ هجن ) امير اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جي تخريج شده رسالن مان بہ درس ڏئي سگهجي ٿو(دورانيو 7 منٽ آهي) اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عَزَّوَجَلَّ گهر درس ۾ بہ علم دين جا موتي لٽائي سگهجن ٿا ۽ علم دين سکڻ جي تہ ڇا ئي ڳالهہ آهي تہ حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جيڪو بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي فرضن جي متعلق هڪ يا بہ يا ٽي يا چار يا پنج ڪلما سکي ۽ ان کي سٺي نموني ياد ڪري ۽ پوءِ ماڻهن کي سيکاري تہ هو جنت ۾ ضرور داخل ٿيندو حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا مان رسول الله کان هي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ ڪابہ حديث نہ ڀليس (الترغيب والترهيب كتاب العلم الترغيب في العلم الخ رقم 20 ج 1 ص54)

تہ پوءِ اوهان بہ گهر ۾ درس ڏيڻ جي نيت ڪريو اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿيون

## گهر درس شروع ڪري ڏنو

عطار والا (بوريوالا ضلع وهاڙي، پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جهالت جي انڌيري ۾ ٻڌل هئي شرعي پردي جو بہ ڪو ذهن نہ هو خوش قسمتي سان ڪنهن ان کي شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علاما مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليہ جي زماني جي مشهور تاليف ”فيضان سنت“ تحفي طور پيش ڪئي ان جو چوند چوند مطالعو ڪرڻ سان ان کي اندازو ٿي ويو تہ هي نهايت دل چسب ۽ معلوماتي ڪتاب آهي ان کان پوءِ هن جو روزانو معمول بڻجي ويو تہ فيضان سنت جي ڪجهہ نہ ڪجهہ صفحن جو مطالعو ڪندي بلڪ پنهنجي ڏاڏي سائين کي بہ ٻڌائيندي هئي جنهن کي اهي گهڻي دل چسبي سان ٻڌندا هئا الحمد لله عَزَّوَجَلَّ ڪجهہ عرصي کان پوءِ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهن ڏينهن جو اعتڪاف مسجد بيت ۾ ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي ۽ ان اعتڪاف جي دوران شروع کان آخر تائين فيضان سنت پڙهڻ جي نيت ڪئي جڏهن نفلن ۽ تلاوت کان فارغ ٿيندي هئي تہ فيضان سنت جي مطالعي ۾ مصروف ٿي ويندي ۽ ڳڏو ڳڏ پنهنجو

محاسبو بہ ڪندي هئي اميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ کان بيعت جي سعادت تہ پهريان ئي حاصل ڪري چڪي هئي هاڻي ان جي اثر انداز تحرير پڙهڻ سان نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن بہ بڻيو انهي جذبي جي ڪري ان پابندي سان گهر درس شروع ڪري ڏنو جنهن جي برڪت سان آهستي آهستي گهر ۾ مدني ماحول قائم ٿيڻ لڳو ٽي وي جي نحوست کان جان ڇٽي نمازن جي پابندي ۽ شرعي پردي جو ذهڻ بڻيو ۽ ايئن ان جي گهر جا سيئي ماڻهو دعوت اسلامي سان وابستہ ٿي سنتن تي عمل ڪرڻ لڳا الله عَزَّوَجَلَّ جو اهڙو ڪرم ٿيو جو ان جي شادي بہ دعوت اسلامي جي هڪ مبلّغ سان نهايت سادگي سان ٿي وليمي جي رات اجتماع ذڪر ۽ نعت جو انعقاد بہ ٿيو الله عَزَّوَجَلَّ جي امير اهلسنت تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "ويلنٽائن ڊي" جون خرابيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!معاشري ۾ پکيڙيل ناجائز رسمن ۽ ڏهاڙن مان هڪ "ويلنٽائن ڊي" بہ آهي- بسنت جيان اهو بہ غيرمسلمن جي ڏهاڙن مان هڪ ڏهاڙو آهي جيڪو ڪوڙ بُرائين جو مجموعو آهي- افسوس!صد ڪروڙ افسوس! بَسَنت جيان "ويلنٽائن ڊي" جي موقعي تي بہ ڪجهہ نادان تمام شرعي حدن کي اورانگهي خوب گناهن جو بازار گرم ڪندا آهن- هن ڏهاڙي کي ملهائڻ جو انداز هي هوندو آهي تہ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون بي پردگي ۽ بي حيائي سان ميل ملاپ، تحفن سوکڙين جي ڏي وٺ کان وٺي فحاشي ۽ عرياني جي هر قسم جو مظاهرو کلي عام يا لڪي چوري جنهن جو جيترو وس هلي ٿو عام ڏنو يا ٻڌو ويندو آهي، گفٽ شاپس (gift shops) ۽ گلن جي دڪانن تي رش ۾ اضافو ٿي ويندو آهي ۽ انهن شين کي خريدڻ وارا بہ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هونديون آهن- ويلنٽائن ڊي تي هوٽلن جي بڪنگ عام ڏينهن جي مقابلي ۾ وڌي ويندي آهي -شراب جو (مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ) تمام گهڻو ڪاروبار ٿيندو آهي جڏهن تہ سمنڊ جي ڪناري تي بي پردگي ۽ بي حيائي جو هڪ نئون سمنڊ ڏسڻ ايندو آهي-

اهي ملڪ جتي غير مسلم مذهبي ۽ اخلاقي پابندين کان آزاد رهن ٿا ۽ فحاشي ۽ عُرياني ۽ بي حيائي جي ڪمن کي اتي هر طرح جي قانوني ڇوٽ

حاصل آهي. ان ڏينهن جي ڏمچر مچائڻ، گوڙشور ڪرڻ ڪان بعض اوقات اهي بہ پريشان ٿي ويندا آهن ۽ ان جي خلاف بعض اوقات ڪٿي ڪٿي دبيل احتجاج جي صداء بہ بلند ٿيندي رهندي آهي- پر وڏي ڏُک ۽ افسوس جي ڳالهہ هي آهي تہ هن ڏينهن ڪي غير مسلمن جيان بي حيائي سان ملهائڻ وارا گهڻا مسلمان بہ الله پاڪ ۽ ان جي رسول ڪريم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عطا ڪيل پاڪيزه احڪامن ڪي نظر انداز ڪندي کُلم کلا گناهن جو ارتڪاب ڪري نہ صرف پنهنجي اعمال نامي جي سياهي ۾ اضافو ڪندا آهن بلڪ مسلم مُعاشري جي پاڪيزگي ڪي بہ ان بي هودگين سان ناپاڪ ۽ آلُودهہ ڪندا آهن- بد نگاهي، بي پردگي، فحاشي ۽ عُرياني، اجنبي ڇوڪري ۽ ڇوڪرين جو ميل ملاپ، ڪل ٻوڪ، ان ناجائز تعلّق ڪي مضبوط رکڻ جي لاءِ تحفن جو ڏي وٺ ۽ اڳتي بدڪاري تائين جي نوبت هي سڀ اهي ڳالهيون آهن جيڪي ان گناهن واري ڏينهن زور ۽ شور سان جاري رهنديون آهن، ۽ انهن سڀني شيطاني ڪمن جي ناجائز ۽ حرام هئڻ ۾ ڪنهن مسلمان ڪي ٿورو بہ شبو نٿو ٿي سگهي ڇوتہ قرآن ڪريم جي روشن آيتن ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي واضح ارشادن سان هنن ڪمن جو حرام هجڻ ثابت آهي. ان ڪري اسان ڪي گهرجي تہ اسان ان طرح جي سمورين برائين ڪان بچون ۽ الله ڪريم ڪي راضي ڪرڻ وارن ڪمن ۾ لڳي وڃون- ربّ ڪريم اسان ڪي عمل جي توفيق عطا فرمائي-

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صدقہ مجھے سرکار نواسوں کا عطا ہو  اغیار کے ٹکڑوں سے شہنشاہ بچا لو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مَجلِس مڪتبة المدينہ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ ڪم و بيش 104 شُعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌُومون مچائڻ ۾ مَصرُوف آهي، جن مان هڪ شعبو "مَجلِس مڪتبة المدينہ" بہ آهي- اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪتبة المدينہ تان جتي سُنّتن ڀريا بَيان ۽ ميموري ڪارڊ سڄي دُنيا ۾ پهچي رهيا آهن، اتي

سَرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ،اَميرِ اَھلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه ۽ اَلْمَدِيْنَة العِلْمِية جا ڪتاب بہ لکن جي تعداد ۾ عوام جي ھٿن ۾ پھچي سُنَّتن جا مدني گل مھڪائي رھيا آھن- مڪتبة المدينہ جا ھينئر تائين ڪم وبيش45 ذيلي شعبا قائم ٿي چڪا آھن-

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تِری دُھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان معاشري جي غلط رَسمن ۽ ڏھاڙن جي تباھ ڪارين جي باري ۾ ٻڌي رھيا آھيون- عام طور بعض نادان خوشي ۽ غمي جي موقعي تي غير شرعي رسمون ڪرڻ ۽ غير مسلمن جي ڏھاڙن ملھائڻ جا حد کان وڌيڪ شوقين ھوندا آھن- دنيا ھيڏانھن کان ھوڏانھن ٿي وڃي، آنڌي، طوفان، سيلاب يا زلزلا اچن، قانون حرڪت ۾ اچي وڃي پوءِ بہ اھي انھن ناجائزرسمن کي ادا ڪرڻ ۽ غير مسلمن جي تھوارن(ڏھاڙن) کي ملھائڻ جي بُري ارادي کان ھڪ انچ بہ پوئتي ھٽڻ جي لاءِ تيار ناھن ٿيندا، بالفرض ڪو انھن جي اصلاح ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ انھن کي ھنن خرابين جا ديني ۽ دنياوي نقصان ٻڌائي تہ جواب ملندو آھي تہ اھي اسان جون خانداني رسمون آھن ۽ اسان جي ابي ڏاڏي جي زماني کان ھلنديون اچن پيون، تنھنڪري اسان ھنن رسمن کي بلڪل نہ ڇڏينداسين- الامان والحفيظ- ياد رکو! ناجائز رسمن جي لاءِ خاندان (Family) وغيره جي عمل کي دليل ناھڻ ھرگز عقلمندي ناھي بلڪ شريعت جي کُلم کُلا خلاف ورزي آھي، جيئن تہ

## غمي خوشي جي ناجائز رسمن ۾ مبتلا ماڻھن کي نصيحت

تفسيرصراط الجنان ۾ آھي: انھن ماڻھن کي پنھنجي طرزِ عمل تي غور ڪرڻ گھرجي جيڪي غمي خوشي جي موقعي تي شريعت جي خلاف رسمون ادا ڪرڻ ۽ بيا فعل ڪرڻ تي ڪو شرعي دليل پيش ڪرڻ جي بدران اھو چوڻ لڳندا آھن تہ اسان جا وڏا پوڙھا گھڻي عرصي کان اھا رسم ۽ ڪم ڪندا پيا اچن ۽ اسان جي خاندان ۾ شايد ئي ڪو گھر اھڙو ھجي جيڪو غمي خوشي جي موقعي تي انھن رسمن ۽ ڪمن کي نہ ڪندو ھجي، پوءِ اسان ڪنھن جي چوڻ تي انھن شين کي ڪيئن ڇڏي سگھون ٿا؟ جيڪڏھن اھي ماڻھو اللہ پاڪ

۽ ان جي رسول،رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏنل احڪامن ڪي اڳيان رکي پنهنجي طرزِ عمل تي صحيح طريقي سان غور ڪن تہ انهن کي بہ معلوم ٿي ويندو تہ انهن جون ڪجهہ رسمون ۽ فعل شريعت جي سراسر خلاف آهن ۽ اهي انهن جي ڪلهن تي پنهنجي ۽ ٻين جي گناهن جو تمام وزني بار آهي- (صراط الجنان، ۱۰۴/۷)

## شريعت جي مقابلي ۾ ابي ڏاڏي جي پيروي ڪرڻ ڪيئن؟

(ياد رکو!) شريعت جي مقابلي ۾ پنھنجي ابي ڏاڏي جي پيروي ڪرڻ حرام آهي- اهڙي طرح گناهہ جي ڪمن ۾ ابي ڏاڏي جي پيروي ناجائز آهي ڇوتہ بحڪمِ حديث الله ڪريم جي نافرماني جي ڪم ۾ ڪنهن جي اطاعت نٿي ڪري سگهجي- (مسلم، ڪتاب الامارة،باب وجوب طاعة الامراء۔۔۔الخ،ص۷۸۹، حديث ۴۷۶۵)

اسان وٽ شادي، موت (خوشي غمي) ۽ ٻين ڪيئي موقعن تي شريعت تي هلڻ جو چيو وڃي تہ ماڻهو اڳيان اهو ئي ابي ڏاڏي، خاندان ۽ برادري جي رسم ۽ رواج جو عذر پيش ڪندا آهن اهو بہ سراسر غلط ۽ باطل آهي- سڄي ڳالهہ جو خلاصو هي آهي تہ ٻُرن جي پيروي ٻُري آهي ۽ چڱن جي پيروي چڱي جيئن اسان صحابہ (عَلَيهِمُ الرِّضْوَان)، تابعين، ائمہ مجتهدين، اولياء و صالحين( رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اجمعين) جي پيروي ڪنديون آهيون تہ اهو تمام سنو آهي ڇوتہ ان جو حڪم خود قرآن ڪريم ڏنو آهي جيئن فرمايو ويو:

وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۹﴾ ( پ۱۱،التوبه:۱۱۹)

ترجمو ڪنز الايمان : ۽ سچن جي صحبت ۾ هجو.

هر نماز ۾ بزرگن جي پيروي جي دعا گهرڻ جو فرمايو، جيئن ارشاد آهي:

صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ۬ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ﴿۷﴾

(الفاتحه: 6-7)

ترجمو ڪنز الايمان: انهن جو رستو جن تي تو احسان ڪيو نہ(انهن جو) جن تي غضب ٿيو ۽ نہ گمراهن جو.

الله ڪريم اسان کي چڱن جي پيروي ڪرڻ ۽ ٻُرن جي پيروي کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي- (صراط الجنان،۲۷۱/۱ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! صفر المظفر جو مبارڪ مهينو اسان جي وچ ۾ پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيو آهي- 17صفر المظفر ١٣٩٨ھ اُمِّ عطار يعني اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ جي والده ماجده رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیھا جو ڏينهن آهي تہ اچو! انهيءَ مناسبت سان اُمِّ عطار رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیھا جو مختصر تعارف ٻڌون ٿيون:

## اُمِّ عطار رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیھا جو مبارڪ ذڪر

اميرِ اَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ جي والده ماجده رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیھا هڪ نيڪ ۽ پرهيزگار خاتون هئي- جن مڙس جي وفات جي باوجود سخت ترين معاشي آزمائشن ۾ بہ پنهنجن ٻارن جي اسلامي طريقي جي مطابق تربيت ڪئي، جنهن جو واضح ثُبوت خود اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ جي بابرڪت ذات آهي- اميراهلسنت هڪ ڀيري ٻڌايو تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ والده محترمہ جو شروع کان ئي فرضن ۽ واجبن تي عمل ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جو ايتري قدر ذهن هو جو ننڍي عمر کان ئي اسان ڀيڻ ڀائرن کي نمازن جي تلقين فرمائڻ سان گڏ سختي سان عمل بہ ڪرائينديون هيون، خاص ڪري فجر نماز جي لاءِ اسان سڀني کي لازمي جاڳائينديون هيون- والده ماجده جي اهڙي طرح تلقين ۽ تَربيت جي بَرَڪت سان مون کي ياد نٿو پوي تہ منهنجي ننڍپڻ ۾ بہ ڪڏهن فجر نماز رهجي وئي هجي-

شيخ طريقت،اميراَهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ فرمائن ٿا تہ والده محترمہ جو شب جُمُعہ (جمعي جي راَت) جو ميٺادر(باب المدينہ ڪراچي) جي علائقي ۾ اِنتقالَ ٿيو- موت جي وَقت مون کي وڏيڪ ياد ڪري رهي هئي، ڀيڻ ٻڌايو: اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڪلمو شريف ۽ اِسْتِغفار پڙهڻ کان پوءِ زبان بند ٿي- خاص ڪري غُسل ڏيڻ کان پوءِ چهرو نهايت ئي رَوشن ٿي ويو هو- جنهن زمين جي ٽڪر تي رُوح قَبض ٿيو، ان مان ڪيئي ڏينهن تائين خوشبو پئي آئي ۽ خُصوصاً رات جي ان حصي ۾ جنهن ۾ اِنتِقال ٿيو هو، ان ۾مختلف قسم جي خوشبوئن جي مهڪ ايندي هئي- ٽيجهي واري ڏينهن صبح جي وَقت ڪجهہ گُلاب جا گل وٺي رکيا هئا جيڪي شام تائين تقريباً تروتازه رهيا جيڪي مون پنهنجي هٿ سان

والده جي قبر تي چڙهايا- يقين مڃو ان ۾ اهڙي عجيب مهڪندڙ خوشبو هئي جو مان حيران رهجي ويس، ڪڏهن گلاب جي گلن مان مون اهڙي خوشبو نه سُونگهي هئي نه هينئر تائين سونگهي آهي بلڪ ڪلاڪن تائين اها خُوشبو منهنجي هٿن مان به ايندي رهي- (تذڪرۀ اميرِ اهلسنت (قسط2)، ص۲۱ ملتقطاً)

عرسِ پاک آگیا اُمِّ عطار کا مولا روضہ دِکھا اُمِّ عطار کا

ان سے عطار کی ہم کو نعمت ملی حق ہو کیسے ادا اُمِّ عطار کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! 20 صفرالمظفر جو حضرت سَيِّدُنا داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو به عرسِ پاڪ آهي-اچو! انهيء مناسبت سان داتا گنج بخش جو مختصر تعارف ٻڌون ٿيون:

## ولادت ۽ نسبي سِلسلو

حُضُور سيد داتا گنج بَخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي وِلادَتِ با سَعادَت ڪم وبيش 400 ھ ۾ غَزني شهر ۾ ٿي- ڪجھ عَرصي کان بعد سندن خاندان مَحَلہ هجوير اچي ويو، انهيءَ نِسبَت سان پاڻ هجويري سڏرائن ٿا. (اردودائرة المعارف ،۹۱/۹ ملخصاً) سندن نالو ”عَلِي“ والِد جو نالو ”عُثمان“ آهي- ۽ ڪين سلسلہ نَسَب ڇهين واسِطي کان سَيِّدُ الشُّهدا، راڪبِ دوشِ مُصطَفٰي، حضرتِ سَيِّدُنا امامِ حَسَنِ مُجتَبيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه سان وڃي ملي ٿو- (بزرگانِ لاهور،ص۲۲۲ملتقطاً) ۽ سندن ڪنيت ”اَبُوالحَسَن“ آهي- (اردو دائرة المعارف، ۹۱/۹) جڏهن ته مَشهور ۽ مَعرُوف لَقَب”گَنج بَخش“ ۽ داتا صاحب آهي- حضرت سَيِّدُنا داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تمام وڏا عالمِ دين،شيخ طريقت ، عبادت گذار ۽ متقي بزرگ هئا، سندن ڪتاب ڪشفُ المَحجُوب سڄي دنيا ۾ مشهور آهي- سندن وصال پُرملال 20 صفرالمظفر ۴۶۵ ھ جو مرڪزُالاوليا لاهور (پاڪستان) جي سر زمين تي ٿيو ۽ اتي ئي سندن مزار واقع آهي جيڪا دعائن جي قبوليت جو مقام آهي- داتا صاحب جي سيرتِ مبارڪ جي حوالي سان وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو رسالو ”فيضانِ داتا علي هجويري“ جو مُطالَعو ڪريو-

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!آئنده هفتيوار اِجتماع جو بيان اعليٰ حضرت،امامِ اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خانرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي تصوف جي واقعن تي مشتمل هوندو، سڀ کان پهريان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بيعت ۽ خلافت جو هڪ دلچسپ واقعو، اعلي حضرت جو مختصر تعارف ۽ سندن سيرت جون ڪجهه جهلڪيون بيان ٿينديون، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي نمازِ باجماعت سان ڪيتري محبت هئي ۽ توڪل ۽ قناعت ۾ پاڻ ڪيتري قدر بلندَ مقام تي پهتل هئا، هن بابت سندن سيرت جا ڪجهه واقعا بہ اسان ٻڌنديون سين، خلافِ شرع ڪمن کي طريقت جو نالو ڏيندڙن جي باري ۾ عالم سڳورن جيڪي ارشاد بيان فرمايا آهن انهن کي بہ بيان ڪيو ويندو- تنهنڪري! آئنده اربع بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو،

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عقيقي جون سُنتون ۽ آداب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو!شيخ طريقت،اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائيدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي غفلت مان عقيقي جون ڪجهه سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿيون- فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ”ٻار پنهنجي عقيقي جي عيوض گروي آهي، ستين ڏينهن ان جي طرفان جانور ذبح ڪيو وڃي، نالو رکيو وڃي ۽ ان جو مٿو ڪوڙيو وڃي-“ (تِرمذي ج٣ ص١٧٧ حديث١٥٢٧) ❖ ”گروي“ ٿيڻ جو مطلب هي آهي تہ ان مان پورو نفعو حاصل نہ ٿيندو جيسيتائين عقيقو نہ ڪيو وڃي ۽ ڪجهه (مُحَدِّثن) چيو تہ ٻار جي سلامتي ۽ ان جي نَشوونُما (پرورش) ۽ ان ۾ چڱيون خوبيون ٿيڻ عقيقي سان وابستہ آهن- (بهارِ شريعت،٣٥٤/٣) ❖ ٻار پيدا ٿيڻ جي شڪراني ۾ جيڪو جانور ذبح ڪيو وڃي ٿو ان کي عقيقو چئبو آهي- (بهارِ شريعت،٣٥٥/٣) ❖ پٽ جي عقيقي ۾ ٻہ ٻڪر ۽ نياڻيءَ جي عقيقي ۾ هڪ ٻڪري ذبح ڪئي وڃي يعني پٽ جي عقيقي ۾ نر جانور ۽ نياڻيءَ جي عقيقي ۾ مادي مناسب آهي- (بهار شريعت،٣/ ٣٥٧) ❖ قرباني جي اُٺ وغيره ۾ عقيقي جي شرڪت ٿي سگهي ٿي- ❖ عقيقو فرض يا واجب ناهي صرف مُستَحب سنّت آهي-

(جيڪڏهن گنجائش هجي ته ضرور ڪرڻ گهرجي، نه ڪري ته گناهه ناهي، البت عقيقي جي ثواب کان محرومي آهي) غريب ماڻهو کي هرگز اِهو جائز ناهي ته وياج تي پئسا ڪڍي عقيقو ڪري- (اسلامي زندگي، ص ٢٧) ❖ ٻار جيڪڏهن ستين ڏينهن کان پهريان ئي مري ويو ته اُن جو عقيقو نه ڪرڻ سان ان جي شفاعت وغيره تي ڪو به اثر نه پوندو ڇوته هو عقيقي جو وقت اچڻ کان پهرين ئي گذاري ويو- ها جنهن ٻار عقيقي جو وقت پاتو يعني ست ڏينهن جو ٿيو ۽ بنا عذر شرعي، طاقت هجڻ جي باوجود اُن جو عقيقو نه ڪيو، ته اُن جي لاءِ اِهو آيو آهي ته اُهو پنهنجي ماءُ پيءُ جي شفاعت نه ڪري سگهندو- (فتاويٰ رضويه،٥٩٦/٢٠) ❖ عقيقو ولادت جي ستين ڏينهن سنت آهي، ۽ اِهو ئي افضل آهي، نه ته چوڏهين، يا ايڪيهين ڏينهن تي- (فتاويٰ رضويه،٢٠ /٥٨٦) ❖ عقيقي جي جانور ۾ اُهي ئي شرط آهن جيڪي قرباني جي جانور جي لاءِ هوندا آهن. ان جو گوشت فقيرن ۽ عزيزن، مٽن مائٽن ۽ دوستن احبابن ۾ ڪچو ورهايو وڃي يا پچائي ڏنو وڃي يا انهن کي مهماني طور کارايو وڃي اِهي سيئي صورتون جائز آهن- (بهارِ شريعت،٣٥٧/٣) ❖ جيڪڏهن ستين ڏينهن نه ڪري سگهو ته جڏهن چاهي ڪري سگهجي ٿو، سنّت ادا ٿي ويندي- (بهارِ شريعت،٣٥٦/٣)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net